# ١. ڀارت ديش مهان



## ٻُڌو. ڳايو.

اَسانجو ڀارت ديش مهان،
ساري دنيا ۾ سڀ کان وڏ،
جنهنجو اُچو شانُ،
اَسانجو ڀارت ديش مهان.

ذاتِ پاتِ جو هِتِ آ ميلو،
رنگ ڀيد جو ڪو نہ مسئلو،
هر پراڻيءَ ۾ ڏسون سدائين،
ٿا هڪڙو ڀڳوان،
اَسانجو ڀارت ديش مهان.

پنهنجو پنهنجو فرض نِڀايون،
ڪڏهن بہ ڪنهن سان ڪين ڦِٽايون،
اَعليٰ آدرش جي خاطِرِ،
جان ڪريون قربان،
اَسانجو ڀارت ديش مهان.

آزادي اَڌڪار مڃون ٿا،
اَهنسا سان سڀ پيار ڪيون ٿا،
نفرت کان ٿا ڪريوُن ڪنارو،
منو لڳي ٿو هر مهمان،
اَسانجو ڀارت ديش مهان.

**نوان لفظ :**

مهان - وڏو قربان - صدقي نِڀايون - پاليون اَعليٰ - وڏو

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

١) اَسين هر پراڻيءَ ۾ ڇا ٿا ڏسون؟

٢) شاعر اَعليٰ آدرش بابت ڇا چيو آهي؟

٣) اَسان کي ڪھڙي ڳالھ کان ڪنارو ڪرڻ گھرجي؟

**سوال ٢ : ڪوتا ۾ ڀارت ديش جي ڪھڙين خوبين جو ورڻن ڪيل آهي؟**

**سوال ٣ : جوڙا ملايو :-**

| الف | ب |
|---|---|
| ١) ذات پات جو | ١) ڪين ڦٽايون |
| ٢) پنھنجو پنھنجو | ٢) ڪريون ڪنارو |
| ٣) نفرت کان ٿا | ٣) فرض نڀايون |
| ۴) ڪڏهن ٻہ ڪنھن سان | ۴) هٿ آ ميلو |

**سوال ۴ : هيٺين لفظن جا هم آوازي لفظ لکو :-**

مھان ............... مسئلو ............... فرض ............... رنگ ...............

> **هدايت :-** اُستاد، شاگردن کي ديش جي آدرش ۽ مھانتا بابت ڄاڻ ڏيندو.
>
> **مشغولي :-** ماسٽر صاحب شاگردن کي ديش ڀڳتيءَ جا گيت گڏ ڪري لِکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

١. ڀارت جو قومي گُل، قومي جانور، قومي پکي، قومي ميوو لِکو.

٢. ڀارت مھان ديش آهي. اهو ڪيترين علحدين خوبين سان سينگاريل آهي. اهي خوبيوُن سوچي، هيٺين گولن ۾ لِکو.

